## مهاڳ

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومتن جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد توسيعي سڪيا جي ذريعي ننڍي ڊيري فارمرز جي جانورن ۾کير جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻي سگهجي. کير جي پيداوار ۾ اضافو صرف انهي وقت ممڪن هوندو جڏهن ڊيري فارمر کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ، صحت ۽ نسل وڌائڻ جهڙن تمام بنيادي ڪمن جي مڪمل ڄاڻ هجي.

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڊيري فارمرز کي جانورن جي بهتر سار سنڀال جي بنيادي اصولن جي مڪمل آگاهي ڏيڻ آهي ته جيئن في جانور جي سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي. جنهن سان پاڪستان جي ڳوٺن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي طرز زندگي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن تربيتي ڪتاب جي انفراديت هي آهي ته هن ۾ موجود سڄي معلومات مستند ۽ ذاتي تجربن تي ٻڌل آهي جيڪو ڊيري ٽيم کي پراجيڪٽ جي پهرين فيز جي دوران حاصل ٿيون. هن تربيتي ڪتاب مان نه صرف ڊيري فارمرز پر وليج ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ويٽرنري ڊاڪٽر پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن تربيتي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا مشڪور آهيون.

ڊيري ٽيم

## فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 1 - | اهميت | 1 |
| 2 - | صحتمند ۽ بيمار جانور جي سڃاڻپ | 3 |
| 3 - | جانورن جون اهم وچڙندڙ بيماريو | 4 |
| 4 - | اوهه يا ٿڻن جي بيماري | 5 |
| 5 - | ساماڙو، مهاڙو | 7 |
| 6 - | گل گهوٽو (گهوگهي جي بيماري) | 8 |
| 7 - | ڪاري ڄنگهه يا سٽ جي بيماري | 11 |
| 8 - | چچڙن مان پکڙندڙ بيماريون | 12 |
| 9 - | حفاظتي ٽڪا (ويڪسينيشن) | 14 |
| 10- | جانورن ۾ ڪيڙن جو خاتمو | 17 |

## اهميت

صحتمند جانور ئي بهتر پيداوار ۽ فائديمند ڊيري فارمنگ جي ضمانت هوندا آهن انهي حقيقت جي پيشِ نظر بيمارين کان محفوظ جانور هر ڪامياب ڊيري فارمر جي اولين ترجيح هونداآهن . عامطور تي اسان جا ڊيري فارمرز ناڻي واري فصلن تي تمام گهٽي توجه ڏيندا آهن پر جانورن جي صحت جي بنيادي ڪمن ۾ غفلت ڪن ٿا جيڪو بعد ۾ انهن جو وڏي معاشي نقصان جو سبب بڻجن ٿيون

### پرهيز علاج کان بهتر آهي

انهن طريقن ۾ واڙي جي صفائي جو غير مناسب انتظام، حفاظتي ٽڪا ٽائيم تي نه لڳرائڻ، جانورن جي بروقت علاج ۾ لاپرواهي ۽ متوازن خوراڪ جو استعمال نه ڪرڻ شامل آهي .

### حفضان صحت جي لاءِ توسيعي ڪارڪنن جون ذميداريون

اسان جي ملڪ ۾ ڳوناڻي ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ڊاڪٽر حضرات صرف علاج معالجو، حفاظتي ٽڪا ۽ هٽرادو نسل ڪشي جهڙي خدمتن تائين ئي محدود آهن جڏهن ته منظم توسيعي خدمتن جون مڪمل طور تي گهٽتائي آهي .

انهي حقيقت کي سامهون رکندي اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ ويٽرنري ڊاڪٽرز جي توسيعي تربيت تي انهي انداز ۾ توجه ڏي ٿو ته هو علاج سان گڏو گڏ ننڍن ڊيري فارمرز کي بهتر، منظم ۽ جديد طريقن تي تربيت ڏئي انهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻي سگهجي .



توسيعي خدمتن کي موثر انداز ۾ سرانجام ڏيڻ جي لاءِ توسيعي ڪارڪنن کي جانورن جي حفضان صحت متعلق هيٺين ڪمن جي مڪمل آگاهي هجڻ گهرجي .

- جانورن جو بيماريون، حفاظتي تدبيرون ۽ انهن جو خاتمو
- تندرست ۽ بيمار جانور جي سڃاڻپ
- مختلف بيمارين جو علامتون ۽ انهن جي اختلافي سڃاڻپ جي مڪمل آگاهي
- بيمار جانورن جي سارسنڀال ۽ علاج معالجي تي مهارت





## صحتمند ۽ بيمار جانورن جي سڃاڻپ

واڙي ۾ موجود بيمار جانورن جي بروقت سڃاڻپ ڊيري فارمرز جي تمام گھڻن معاشي خرچن کي گھٽ ڪرڻ ۽ صحتمند جانورن کي بہ بيمارين جي حملي کان محفوظ رکڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿيندي آهي . انهي ڪري اها ڳالهہ انتهائي اهميت جي حامل آهي تہ واڙي ۾ موجود تمام جانورن جو صبح شام خاص ڪري گاهہ ڏيڻ کان پوءِ بغور معائنو ڪيو وڃي .

### صحتمند جانور جي سڃاڻپ

- اکيون واضع ۽ چمڪدار هونديون آهن
- جانور پرسڪون ۽ هڪ ئي رفتار ۾ ساهہ کڻندو آهي
- صحتمند جانور هوشيار، چست ۽ پنهنجي ماحول ۾ دلچسپي وٺندو آهي
- صحتمند جانور شوق سان کائي ٿو ۽ کائڻ کانپوءِ دير تائين اوڳر ورائيندو رهي ٿو

### بيمار جانور جي سڃاڻپ

- اکيون اندر دٻيل هونديون آهن
- ساهہ کڻڻ ۾ ڏکيائي يا تيزي سان ساهہ کڻي ٿو
- جانور سست ۽ ٻين جانورن کان ڌار رهڻ پسند ڪندو آهي
- کير جي پيداوار تمام گھٽجي متاثر ٿيندي آهي
- جانور کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏي ٿو ۽ اوڳر بہ گھٽ ورائي ٿو
- جانورن جي چمڙي خشڪ، کردري ۽ بي رونق ٿي ويندي آهي







## بروقت سڃاڻپ، موثر علاج

جانورن جي کائڻ پيئڻ، چرپر، وات، ڪن، نڪ ۽ اکين جي رطوبتن جو اخراج، ڇيڻي ۽ پيشاب جو بغور معائنو ڪريو . بيمار جانور جي سڃاڻپ تي انهن کي صحتمند جانورن کان الڳ ڪري انهن جو جسماني گرمي جو درجو ۽ ساهہ کڻڻ جي رفتار نوٽ ڪريو . تندرست جانورن جو جسماني گرمي جو درجو، نبض ۽ ساهہ کڻڻ جي رفتار هيٺ ڏجن ٿيون :

| جانور | گرمي جو درجو (فارن هائيٽ) | نبض (في منٽ) | ساهہ کڻڻ جي رفتار (في منٽ) |
|---|---|---|---|
| ڳئون | 101.5 | 48-84 | 26-50 |
| مينهن | 101 | 40-60 | 10-30 |
| گھوڙو | 100 | 28-40 | 10-14 |
| رڍ | 102.3 | 70-80 | 16-34 |
| ٻڪري | 102 | 70-80 | 16-32 |

علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان فوري رابطو ڪريو

## جانورن جو اهم بيماريون

هي هڪ حقيقت آهي تہ تندرست جانور ئي ڊيري فارمر جي خوشحالي جا ضامن هوندا آهن پر بدقسمتي سان حفضان صحت جي اصولن ۾ ٿوري لاپرواهي جي ڪري جانور مختلف بيمارين جاشڪارٿي ويندا آهن . انهن ۾ ڪجهہ اهم ترين بيماريون ۽ انهن جو سادو قابل عمل احتياتي تدبيرون هيٺ ڏجن ٿيون .

- ٿڻن يا اوهہ جي سوڄ
- ساماڙو يا مهاڙو
- گل گھوٽو (گھوگھو)
- ڪاري ڄنگهہ يا سٽ جي بيماري
- چچڙن جو بخار

## ساماڙو يا مهاڙو

ساماڙو يا مهاڙو هڪ وچڙندڙ بيماري آهي جنهن سان نہ صرف جانورن جي کير ۾ گهٽتائي ٿيندي آهي پر انهن جي صحت تي تي پڻ ناڪاري اثر ٿين ٿا جيڪو ڊيري فارمرز جي لاءِ زبردست معاشي نقصان جو سبب آهي .

## ڦهلجڻ جو سبب

مهاڙي جي ڦهلجڻ جو سبب هڪ خاص قسم جو وائرس آهي جيڪو متاثر جانورن جي جسم مان نڪرندڙ ڇيڻي ۽ رطوبتن جي ذريعي خارج ٿئي ٿو مثال طور وات مان نڪرندڙ ڳِگ، کير ۽ ڦلوڪڻن جي پَس انهي بيماري جي ڦهلجڻ جو سبب بڻجن ٿا . ديسي نسل جي بدران ٻِسر نسل جي ڳئون ۾ مهاڙي جو خطرو گهڻو هوندو آهي .

## علامتون





- جانور سست ٿي وڃي ٿو . ڪاڏو گهٽ کائي ٿو ۽ اوڳر بہ گهٽ ورائي ٿو
- تيز بخار ٿي وڃي ٿو ۽ جسماني گرمي پدّ 104 کان 106 فارن هائيٽ تائين پهچي وڃي ٿو
- متاثر جانور جي زبان، تالو، کرن ۽ اوهہ تي ڦلوڪڻا بڻجي ويندا آهن
- جانور جي وات مان ڳِگ وهندي رهندي آهي ۽ جانور منڊڪائي هلندو آهي
- کير جي پيداوار ۾ تمام گهڻي گهٽتائي اچي ويندي آهي
- موت جي شرح تمام گهٽ هوندي آهي پر مرض جو حملو 15 کان 20 ڏينهن تائين رهندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ جانور ڪمزور ۽ هيڻو ٿي ويندو آهي







## ساماڙي يا مهاڙي کان بچاءَ جي لاءِ اهم اُپاءَ

- سڀني جانورن کي مهاڙي کان بچاءُ جا حفاظتي ٽڪا بروقت لڳرايو . هي حفاظتي ٽڪا هميشہ متعلقہ ذريعن کان حاصل ڪريو گهٽ ۾ گهٽ ڪري سال ۾ ٻہ دفعہ (فيبروري، مارچ ۽ سيپٽمبر، آڪٽوبر) ۾ حفاظتي ٽڪا لڳرايو
- بيمار جانورن کي تندرست جانورن کان ڌورن الڳ ڪريو ۽ ان جي ڏوهائي آخر ۾ ڪريو
- علائقي ۾ ساماڙي يا مهاڙي جي جي حملي جي صورت ۾ جانورن کي چرائي جي لاءِ ٻاهر نہ موڪليو ۽ هڪ ئي تلاءَ يا وهندڙ پاڻي ۾ نہ وڃڻ ڏيو
- متاثر ٿيل جانورن جي واڙي ۾ جراثيم ڪش دوائن جو استعمال ڪريو نئون جانور خريد ڪرڻ جي صورت ۾ انهي کي ٻين جانورن کان هڪ مهيني تائين الڳ رکو ۽ انهي ڳالهہ جي تسلي ڪري وٺو تہ انهي کي ساماڙي يا مهاڙي جي بيماري نہ آهي
- متاثر جانورن جي وات ۽ کرن تي هڪ سيڪڙو پوٽاشيم پر ميگنيٽ (ڳاڙهي دوا) سان ڌوئو يا بورڪ ايسڊ ۽ گليسرين ملائي وات جي ڦلوڪڻن تي لڳايو
- متاثر جانورن کي نرم ۽ هضم ٿيڻ واري خوراڪ کارايو

علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ ويجهي ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو

## گل گھوٽو

گل گھوٽو هڪ موت مارڻ وچڙندڙ مرض آهي جيڪو اسان جي ملڪ ۾ عام آهي . هي هڪ خاص قسم جي بيڪٽريا جي ڪري ٿيندو آهي . هي عام طور تي درياءَ جي ويجھي ميداني علائقن ۽ زيرِ زمين پاڻي جي بلند سطحن وارن علائقن ۾ ملي ٿي . انهي کان سواءِ شديد موسمي حالتن، ناقص خوراڪ ۽ خشڪ سالي کان پوءِ جانورن جي قوت مدافعت گھٽ ٿيڻ جي ڪري بہ انهي بيماري جو خطرو وڌي ويندو آهي . هي بيماري عام طور تي ٻہ سال کان گھٽ عمر جي جانورن ۾ گھڻو حملو ڪندي آهي جيڪو اڪثر موثر ۽ بروقت علاج نہ ڪرائڻ جي ڪري جانورن جي موت جو سبب بڻجي وڃي ٿي .

### علامتون





- جانور سست ٿي ويندو آهي ۽ انهي کي بک گھٽ لڳندي آهي
- تيز بخار سان گڏ گلي ۽ زبان تي سوج ٿي ويندي آهي
- زبان جو رنگ نيرو ٿي ويندو آهي
- وات ۽ نڪ مان پاڻي وهندو آهي
- نبض ۽ ساهہ کڻڻ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي



- گلي ۾ شديد سوج جي ڪري ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي۽ گلي مان خرخراهٽ جي آواز ايندي رهندي آهي فوري ۽ موثر علاج نہ ڪرائڻ جي ڪري ساهہ گھٽجڻ جي صورت ۾ جانور جي موت بہ واقع ٿي سگھي ٿي

### گل گھوٽو کان بچاءُ لاءِ اهم مشورا

- سال ۾ ٻہ دفعہ (مئي، جون ۽ نومبر، ڊسمبر) ۾ بيماري کان بچاءُ جا حفاظتي ٽڪا لڳرايو
- بيمار جانور کي تندرست جانور کان الڳ ڪريو
- واڙي ۾ جراثيم ڪش دوائن جو استعمال ڪندا رهو
- تيز بخار جي صورت ۾ جانور جي مٽي تي پاڻي هاريو ۽ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان فوري رابطو ڪريو
- مئل جانور کي وڏو کڏو کوٽي دفنايو

## ڪاري ڄنگهہ يا سٽ جي بيماري (بليڪ ڪواٽر)

ڪاري ڄنگهہ يا سٽ جي بيماري هڪ وچڙندڙ بيماري آهي جيڪو هڪ خاص قسم جي بيڪٽريا جي ڪري ٿيندي آهي . هي بيماري عام طور تي نيم پهاڙي وارن علائقن ۾ ملي ٿي پر جانورن جي چرپر جي ڪري بہ هي ميداني وارن علائقن جي جانورن ۾ بہ منتقل ٿي سگهي ٿي . بروقت ۽ موثرعلاج نہ ڪرائڻ جي صورت ۾ جانورن جي موت جو سبب بڻجي سگهي ٿي . انهي بيماري جا امڪانات 2 سالن جي عمر جي جانورن ۾ وڌيڪ ملن ٿا .

### علامتون

- جانور انتهائي سست ٿي ويندو آهي ۽ ان سان گڏو گڏ ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي
- تيز بخار ٿي ويندو آهي ۽ جسماني گرمي جو درجو 104 ڪان 106 فارن هائيٽ تائين پهچي ويندو آهي
- ڪنڌ يا ران تي شديد سوج ٿي ويندي آهي
- سوج واري جڳهہ جو گرم هجڻ، هٿ لاهڻ سان جانور سور محسوس ڪري ٿو ۽ چرچر جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي
- سور جي ڪري جانور هلڻ ۾ تڪليف محسوس ڪري ٿو





## ڪاري ڄنگهہ يا سٽ جي بيماري کان بچاءُ جا اپاءُ

- بيماري کان بچاءُ جا سالانہ حفاظتي ٽڪا اپريل جي مهيني ۾ لڳرايو
- متاثر جانور کي تندرست جانور کان الڳ رکو
- نون خريد ڪيل جانورن کي هڪ مهيني تائين باقي جانورن کان الڳ رکو ۽ حفاظتي ٽڪا لڳرايو
- جانورن جي جسم تي زخم اچڻ جي صورت ۾ باقائدگي سان جراثيم ڪش دوا ضرور لڳرايو
- علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو

## چچڙن مان ڦهلجندڙ بيماريون

چچڙ جانورن جي جسم تي هوندا آهن . هي نہ صرف جانورن جو رت چوسي انهن کي ڪمزور ڪندا آهن پر مختلف قسمن جون بيماريون ڦهلائڻ ۽ پيداوار ۾ نمايان گهٽتائي جو سبب بڻجن ٿا . انهن جو حملو خاص طور تي ولائيتي ۽ ٻِسر نسل جي ڳئون ۾ گهڻو هوندو آهي . پاڪستان ۾ مارچ کان آڪٽوبر تائين جو موسم چچڙن جي پرورش جو موزون سمجهيو ويندو آهي . چچڙن جي ڪري جانورن ۾ هيٺيون بيماريون ڦهلجنديون آهن :

ڳاڙها پيشاب (زهرباد) | ڳوڙهين جو بخار

## علامتون

- جانور کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏي ٿو
- تيز بخار ۽ ساهه کڻڻ جي رفتار وڌي ويندي آهي
- جسم ۾ رت ۽ پاڻي جي گهٽتائي ٿي وڃي ٿي
- رت وارا پيشاب ۾ جانور جي پيشاب جو رنگ ڳاڙهاڻ مائل ٿي ويندو آهي
- جسم ۾ موجود ڳوڙهين ۾ سوڄ ٿيڻ ڳوڙهين جي بخار جي هڪ نمايان علامت آهي
- عام طور تي انهن ٻنهي بيمارين ۾ اينٽي بائيوٽڪس جو اثر نٿو ٿئي







## چچڙن جي بخار کان بچاءَ جا اهم اپاءَ

چچڙ واڙي جي آس پاس جي جڳهين، ديوارن، آهورن ۽ ڪاٺين جي چيرن ۾ ملن ٿا . انهي ڪري انهن چيرن کي بند ڪري ۽ واڙي ۾ چچڙ مار دوائن جو باقائدگي سان هر مهيني ڇڙڪائو چچڙن کان بچاءُ جي لاءِ انتهائي اهم آهي . چچڙن جي شديد حملي جي صورت ۾ جانورن کي چچڙ مار دوائن سان وهنجاريو .

وڌيڪ معلومات جي لاءِ پنهنجي ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو



## حفاظتي ٽڪا (ويڪسينيشن)

پاڪستان ۾ هر سال وچڙندڙ بيمارين سان ڪيترن ئي قيمتي جانورن جو ضيان ٿي ويندو آهي .
انهن مرضن کان صحتياب ٿيڻ کان پوءِ متاثر جانورن جي صحت ۽ پيداواري صلاحيت برقرار نٿي رهي انهي کان سواءِ علاج معالجي تي ٿيڻ وارن خرچا به ڊيري فارمرز تي به اضافي بوجهه جو سبب بڻجن ٿا . بروقت ۽ موثر علاج جي منصوبابندي انهن ممڪنا معاشي نقصانن کان بچي سگهجي ٿو .

## حفاظتي ٽڪا

حفاظتي ٽڪا مختلف وچڙندڙ بيمارين جي حملي کان بروقت بچاءُ جو بهترين ذريعو آهن . هي ٽڪا هميشه تندرست جانورن کي ئي بيماري کان بچاءُ جي لاءِ لڳايا وڃن ٿا . حفاظتي ٽڪا جانورن جي جسم ۾ انهي مرضن جي خلاف قوت مدافعت پيدا ڪندا آهن . هتي هي ڳالهه به قابلِ ذڪر آهي ته حفاظتي ٽڪا مرض جي علاج لاءِ نه پر صرف ۽ صرف مرض جي حملي کان بچاءُ جي لاءِ لڳايو ويندو آهي .



## حفاظتي ٽڪن جي لاءِ هدايتون

- ٽڪن کي هميشه 4 ڊگري سينٽي گريڊ تي ريفريجريٽر ۾ محفوظ ڪري رکو
- انهن کي سج جي روشني يا گرمي کان محفوظ رکو ۽ هڪڙي جڳهه کان ٻي جڳهه تائين منتقل ڪرڻ جي لاءِ ٿرماس يا برف جو استعمال ڪريو

- استعمال کان پهرين ليبل تي ڏنل هدايتن کي ضرور پڙهو ۽ بوتل کي چڱي طرح هلائي استعمال ڪريو
- حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ کان پهرين جراثيم ڪش دوائن جو استعمال نہ ڪريو
- هي ٽڪا هميشہ گهربل مقدار ۾ چمڙي هي هيٺيان لڳايو
- ننڍن ڦرن کي 2 هفتن جي عمر کان پوءِ حفاظتي ٽڪا لڳرايو
- گهربل نتيجن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ليبل تي ڏنل هدايتن جي مطابق حفاظتي ٽڪن جو مڪمل ڪورس ڪرايو

| مرض | ٽڪا لڳرائڻ جو وقت | مدو |
|---|---|---|
| گل گهوٽو | مئي، جون ۽ نومبر، ڊسمبر | 6 مهينا |
| مهاڙو يا ساماڙو | فيبروري، مارچ ۽ سيپٽمبر، آڪٽوبر | 6 مهينا |
| ڪاري جنگهہ (بليڪ ڪواٽر) | اپريل | هڪ سال |

**حفاظتي ٽڪا هميشہ متعلقہ ذريعن کان حاصل ڪريو ۽ وڌيڪ معلومات لاءِ پنهنجي ويجهي ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو**








## حفاظتي ٽڪن جي غير فائديمند ٿيڻ جا سبب

- حفاظتي ٽڪن کي مدي خارج ٿيڻ کان پوءِ استعمال ڪرڻ
- ٽڪن کي محفوظ ڪرڻ ۽ انهن جي نقل و حرڪت ۾ غير ذميداري جو مظاهرو ڪرڻ
- ليبل تي لکيل هدايتن جي مطابق حفاظتي ڪورس مڪمل نہ ڪرائڻ
- گهربل مقدار کان گهٽ حفاظتي ٽڪن جو استعمال ڪرڻ
- غير مطعلقہ ذريعن کان حاصل حفاظتي ٽڪن جو استعمال



## جانورن ۾ ڪيڙن جو خاتمو

اسان جي ملڪ ۾ جانورن جي گهڻي تعداد مختلف قسمن جي ڪيڙن جا شڪار هندا آهن . ڪيڙا جانورن جي پيداواري صلاحيت کي متاثر ڪن ٿا ۽ مختلف بيماريون ڦهلائي ڍيري فارمرز جي مالي نقصان جو سبب بڻجن ٿا انهي ڪري ڪيڙن تي بروقت قابو پائي جانورن جي صحت ۽ پيداوار کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو .

ڪيڙا جانورن جي اهو قسم آهن جيڪي زنده رهڻ جي لاءِ ٻين جاندارن جا محتاج هوندا آهن . ڪيڙن جي حملي جو خطرو گهڻو ڪري خشڪ خوراڪ کائڻ وارن، چرائي تي وڃڻ وارن ۽ ننڍي عمر جي جانورن ۾ ٿيندو آهي . ڪيڙا عام طور تي ٻن قسمن جا ٿيندا آهن :

اندروني ڪيڙا     ٻاهريان ڪِيڙا

### اندروني ڪيڙا


هڪ محتاط اندازي جي مطابق 1 سال کان گهٽ عمر جي جانورن ۾ اندروني ڪيڙن جي ڪري موت جي شرح 30 کان 35 سيڪڙو تائين آهي . انهن ڪيڙن جو حملو خزان (نومبر، ڊسمبر) ۽ برسات (جولاءِ، آگسٽ) جي موسمن ۾ گهڻو هوندو آهي . اندروني ڪيڙن جي مختلف قسمن جي تفصيل هيٺ ڏجي ٿي :



### اندروني ڪيڙن جو علامتون

| پيٽ ۽ آندن جا ڪيڙا | ڦڦڙن جا ڪيڙا | جيري جا ڪيڙا |
|---|---|---|
| • جانور خوراڪ گهٽ کائيندو ۽ آهستي آهستي ڪمزور ٿيندو ويندو آهي ۽ پيداوار به گهٽي متاثر ٿي ويندي آهي<br>• ننڍا ڦرمتي کائڻ لڳندا آهن ۽ انهن جو پيٽ لٽڪي ويندو آهي<br>• چمڙي خشڪ ۽ ڪردري ٿي ويندي آهي<br>• شديد حملي جي صورت ۾ جانورن ۾ بدبودار تيڪ (دست) لڳي ويندي آهي | • ساهه جي نالي ۾ سوج ۽ جانور ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندو آهي<br>• ڪنگهه ٿي ويندي آهي<br>• جانور منهن (وات) کولي ۽ اکڙ ڪري ساهه کڻندو آهي<br>• نڪ مان گهاٽي سنگهه وهندي آهي<br>• ننڍن ڦرن ۾ نمونيا ٿي ويندي آهي | • جانور ۾ کير جي پيداوار شديد متاثر ٿيندي آهي<br>• ڄاڙين جي هيٺيان ۽ اڳين ٽنگن جي وچ ۾ (جهالرتي) سوج ٿي ويندي آهي<br>• اکين ۾ پچون پئجي ويندو آهن<br>• شديد حملي جي صورت ۾ اوچتو موت به واقع ٿي ويندي آهي |





### ٻاهريان ڪيڙا

ٻاهريان ڪيڙا جانورن جي چمڙي تي رهي ڪري رت چوسين ٿا ۽ انهي دوران اُهي جانورن ۾تمام گهڻيون موتمار بيماريون ڦهلائڻ جو سبب بڻجن ٿا . ان ۾ چچڙ، جوئن، مکيون ۽ مچر وغيره شامل آهن :

هي ڪيڙا خاص طور تي سنهي چمڙي وارن جانورن مثال طور تي ولايتي ۽ ٻِسر نسل جي ڳئُون کي شديد متاثر ڪن ٿا . ٻاهريان ڪيڙا گهڻو ڪري ڪنن، اوهه ۽ ٽنگن جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا .

## علامتون :

- جانور بيچيني واري حالت ۾ هوندو آهي
- رت جي گهٽتائي جي ڪري جانور انتهائي ڪمزور ۽ هيٺو ٿي ويندو آهي
- چمڙي خشڪ ۽ ڪردري ٿي ويندي آهي
- جانورن جي پيداواري صلاحيت ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي
- چمڙي تي سوراخ ٿي ويندا آهن ۽ ان تي زخم ٿي پوندا آهن
- چچڙن جي ڪري پيشاب ۾ رت ۽ ڳوڙهين جو بخار جهڙيون موتمار بيماريون لڳي سگهن ٿيون







## ڪيڙن کان بچاءَ لاءِ اهم مشورا

- روزانو ڏينهن ۾ ٻه دفعه واڙي جي صفائي ضرور ڪريو ۽ پاڻي بيهڻ نه ڏيو
- ننڍين ڦرن کي لازمن هر ٽن مهينن بعد ۽ وڏن جانورن کي ضرورت مطابق ڪيڙا مار دوائون ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر جي مشوري سان پياريو
- اگر علائقي ۾ سهولت موجود هجي ته ليبارٽري مان ڇيڻي جي ٽيسٽ ضرور ڪرايو
- واڙي جي ديوارن يا ڇت تي ڪو سوراخ يا چير نه هئڻ گهرجي جتي هي ٻاهريان ڪيڙا آنا ڏئي سگهن يا لڪي سگهن
- واڙي ۾ هر مهيني باقائدگي سان چچڙ مار دوائن جو اسپري ڪرايو
- وقت به وقت واڙي ۾ چوني جو ڇڙڪائو ڪرايو
- گاهه جي صفائي جو خاص خيال رکو ڪتر ڪيل گاهه کي مٽي کان بچايو
- ڪيڙا مار دوائون هميشه تبديل ڪري پيارڻ گهرجن ته جيئن ڪيڙا هڪ ئي دوا جي خلاف قوت مدافعت حاصل نه ڪري سگهن
- پاڻي جي حوض ۾ ٻه چن استعمال ڪريو ته جيئن جيوڙن کان بچي سگهجي
- جانورن تي چچڙن جي شديد حملي جي صورت ۾ چمڙي تي چچڙ مار دوائون لڳرايو



**وڌيڪ مشوري جي لاءِ پنهنجي ويجهي ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو**